SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر LI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.LI OF 1984

حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE HYDERABAD DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Act XIII of 1976

3. 1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعه 17 جي ترميم

Amendment of Section 17 of Sindh Act XIII of 1976

4. 1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعه 18 جي ترميم

Amendment of Section 18 of Sindh Act XIII of 1976

5. 1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعه 35 جي ترميم

Amendment of Section 35 of Sindh Act XIII of 1976

6. 1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 37 جي ترميم

Amendment of Section 37 of Sindh Act XIII of 1976

7. 1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 38 جي ترميم

Amendment of Section 38 of Sindh Act XIII of 1976

8. 1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 42 جي ترميم

Amendment of Section 42 of Sindh Act XIII of 1976

9. 1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 45 جي ترميم

Amendment of Section 45 of Sindh Act XIII of 1976

سنڌ آرڊيننس نمبر LI مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.LI OF 1984

حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE HYDERABAD DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[10 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

ءِ جيئن تہ حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ءِ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ءِ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

Short title and

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

commencement

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Act XIII of 1976

2. حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 ۾ جنهن کي هن کانپوءِ ۾ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (4) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي کولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ ڪو به نان آفيشل ميمبر ڊڊ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ برطرف نہ ڪيو ويندو."

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of Section 17 of Sindh Act XIII of 1976

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي کولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ رهائشي علاقي جي ماسٽر پلان ۾ مسجد لاءِ گنجائش شامل هوندي ۽ ان مقصد لاءِ پلاٽ جي نشاندهي ڪئي ويندي."

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of Section 18 of Sindh Act XIII

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 18 جي ذيلي دفعہ (4) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي کولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ رهائشي مقصد لاءِ اسڪيم ۾ مسجد لاءِ گنجائش شامل هوندي ۽ ان مقصد لاءِ پلاٽ جي نشاندهي ڪئي ويندي."

of 1976

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 35 جي ترميم

Amendment of Section 35 of Sindh Act XIII of 1976

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 35 جي ذيلي دفعہ (5) ۾، ٻيو دفعو ايندڙ لفظ "ڪانسواءِ" کي لفظ "ڪانپوءِ" کي متبادل بڻايو ويندو.

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 37 جي ترميم

Amendment of Section 37 of Sindh Act XIII of 1976

6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 37 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

37. معاوضو طئي ڪرڻ. دفعہ 36 تحت معاوضو سنڌ ۾ لاڳو زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894 جي گنجائشن موجب طئي ڪيو ويندو.".

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 38 جي ترميم

Amendment of Section 38 of Sindh Act XIII

7. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 38 ۾، ڪامائن ۽ لفظن "بانڊس، ڊيبينچرز، اينوئٽي عرصو جيڪو ويهہ سالن کان وڌيڪ نہ هجي، يا ڊولپڊ سائيٽ جي صورت ۾ يا اهڙين صورتن ۾ هڪ کان وڌيڪ" لاءِ لفظن "يا ڊولپڊ سائيٽ جي صورت ۾ يا ٻنهي صورتن ۾" سان متبادل بڻايو ويندو.

of 1976

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 42 جي ترميم

Amendment of Section 42 of Sindh Act XIII of 1976

8. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 42 جي شق (b) ۾ فل استاپ کان اڳ، ڪاما ۽ لفظ ”، پر اهو ڪنهن بہ صورت ۾ مالڪ يا زمين ۾ دلچسپي رکندڙ شخص طرفان ڪنيل اصل نقصان کان گهٽ نہ هجي“ شامل ڪيا ويندا.

1976 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 45 جي ترميم

Amendment of Section 45 of Sindh Act XIII of 1976

9. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 45 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

”بشرطيڪ اهڙي ڪنهن بہ حڪم تي نظرثاني نہ ڪئي ويندي جيستائين متاثر ڏر کي ٻڌڻ جو موقعو نہ ڏنو ويجي.“

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.